سي) جو نانگ رچايو، پوءِ سيڪيولرازم کي طلاق ڏنائين، پوءِ پولي جي مسئلي تي مظلوم قومن کي پٺ ۾ خنجر هنيائين. تازو آن آئيني ڍانچي تي صحيح ڪئي آئس، جنهن ۾ صوبائي خودمختياريءَ جي مٽي پليت ڪئي ويئي آهي.

هاڻي هن وقت لاش آهي، اهو هاڻي ڏيپ پيو ڪري. پر لغاري، عزيز الله شيخ، سرڪي، مهر حسين شاهه ۽ پيا ڪانڊي اڃا به آن کي ڪلهن تي کڻيو اخبارن ۽ جلسن ۾ رلائيندا وتن.

هاڻي برابر مڪريل ڏائڻ ۾ مست رنگي ڏوٿي هئي. "چندا ڏوپي" ڪان به وڏيڪ پارن کي آسرا ڏين واري ترڪتالي هئي. آن جي پلاند تي سوين خونن جا ڏيا هئا. قومي پولين جو خون، عوامي انقلاب جو خون، قومي جدوجهد جو ۽ جمهوريت جو خون. آن کي جيڪا به سزا ڏجي ها سا ٿوري. پر لاش جي بي حرمتي ڪنهن به مذهب ۾ جائز نه آهي. هن سڙيل لاش کي ڪلهي تي کڻي نچائڻ وارا خدا جا بندا، هاڻ گهٽوٽي ٿيو! هاڻ اهو بدبودار "لاش" مات مٽيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

["تحريڪ" پبليڪيشن - نومبر ۱۹۷۲]

## خوني ڪتي لاءِ به ڪو قانون آهي يا نه؟

اڄڪلهه سنڌ ۾ وڏيرن جي پيڳهي متل آهي. وٽن گهوڙو ٻڌڻ نتا ڏين. ڪڪڙ ڪاٺ وڄهائي ڇڏيا اٿن. چوطرف نفسانفسي جي پڪار آهي، شل نه ڪو ننڍڙو وڏيرو ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿئي. هڪ ڪڻ وارو حساب ٿي ويندو! رات وچ ۾ راڄ ٻوڙجي ويندا ۽ چئي: سنڌ ديش جا حامي ٻڏا اٿئون.

هر سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مجرم اڃا ڪونه پڪڙيو ويو آهي. خوني ڪتو اڃا آزاد آهي. خوني ڪتي "اردو کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے" وارو قاتل سگنل ڏيئي غنڊن کي سنڌ دشمن فسادن شروع ڪرڻ جي ٻيچ ڪئي. گهر ۽ دڪان ساڙايا، ڦريون ۽ ڌاڙا هڻايا، ٻچا ڪُهايا، ماڻهو مارايا، ڪربلائون ڪرايون.

پاڪستان پينل ڪوڊ موجب ڏوهه جي ٻيچ ڪندڙ مجرم، ڏوهه ڪندڙ مجرم جهڙو ليکجي ٿو. چاهي اها ٻيچ سڌي هجي يا اڻ سڌي. حقيقت ۾ ۽ پاڪستاني قانون موجب خوني ڪتي، انهن مان هر هڪ ڏوهه جي ٻيچ ڪئي، سڌي توڙي اڻ سڌي.

انهن هزارين ڦرين، ڌاڙن، باهين ۽ قتلن ۾ هو ايئن ڏوهارين جهڙو بلڪه انهن کان به وڌيڪ ڏوهاري ٿيو. خوني ڪتي جو نالو انهن هزارن سنگين ڏوهن مان هر هڪ ڏوهه جي فرسٽ رپورٽ ۾ شامل ڪرڻ گهرجندو هو. هن وقت ڪيس هزارن سنگين ڪيسن ۾ جوابدار

هئڻ ڪپندو هو. هيستائين ڪيترا ڪيس فيصل ٿيڻ کپندا هئا. مٿين ڪيسن ۾ ڪيس پڪو ثبوت ملڻ جي حالت ۾ ڳرين ڳرين سزائن سان سزاياب ٿي وڃڻ کپندو هو. هن وقت هو ڏوهه ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ ڦاسي گهاٽ ۾ هئڻ کپندو هو. هن وقت ڪيس ڏوهين ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ ڦاسي گهاٽ اندر پنهنجن سنگين سزائن ملڻ جو منتظر رهڻ کپندو هو.

پر خونِي ڪُتي جو ٽالو ڪنهن به فرسٽ رپورٽ ۾ نه لکيو ويو. هن قاتل اعظم کي رڳو سالي ماتر ڊي-پي-آر ۾ به نه رکيو ويو. خوني ڪتو آزاد رهيو. خوني ڪتو آزاد آهي. خوني ڪتو پنهنجن ڏوهن جي سازش ۾ مصروف آهي. خوني ڪتو رڳو لمڪ حرام سنڌ دشمن خوني ڪتو ڪونهي. سنڌي عوام جو ويساهه آهي ته جيڪڏهن سڄي پاڪستان ۾ ڪو به پاڪستان دشمن غدار آهي، جيڪڏهن ڪو به پارٽي ايجنٽ آهي ته اهو خوني ڪتي کان وڌيڪ پاڪستان دشمن، وڌيڪ غدار، وڌيڪ پارٽي ايجنٽ ٿي نٿو سگهي. فقط هڪڙو مثال ٿا وٺون. مجيب کي پاڪستان تي باهيون آهن. مجيب چوي ٿو "هن منهنجو گهر پاڙيو آهي. آءٌ هن جو پورلو پورو ڪريان." ان ڪري هو پاڻهي ڏو ته بهارين جو ناڪ جنهن بنگال کي ڏنگي نهوڙي ڇيو، سو پنهنجي ڳچيءَ مان ڪڍي پاڪستان جي ڪنڌ ۾ وجهان. تنهنڪري هو چوي ٿو ته "بهاري بلا پاڪستان

ڪمائي هٿيارن ۽ فوج ٺاهڻ وڃائڻ جي ضرورت نه هجي. ڏٺو ويو آهي ته جيئن فوج حد کان وڌي، تيئن ملڪ ڪمزور. فوج ۽ هٿيارن جو گهڻي ڀڱو خرچ ملڪ جي ڇيلهه ڀڃيو ڇڏي. پوءِ هلي ٿي ڍڻ ۽ خيرات. اها فوج کي هٿيو ڏارين جو ڀاڙيتو بڻايو وجهي. اهي ڪيس لڪ ۾ ٿوڙي وجهيو پيا هلائيندا آهن. تان جو اهڙي فوج پرائي ڍڻ ۽ خيرات تي اهڙي هريو وڃي ۽ مفت جي مال جو اهڙو چشڪو پئجيو وڃيس جو سورکو پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي دشمن ٿيو ان جي ڳچي تي چڙهيو ويهو رهي. ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۾ ان جا سوين مثال موجود آهن. خود پاڪستان جو مثال ئي ڪافي آهي.

## بلوچستان تي فوجي چڙهائي بند ڪريو

آخري ڳالهه، ته بلوچستان تي فوجي چڙهائيءَ تي روزانو عوام جا لکين رپيا برباد پيا ٿين. اهو ڏاڍو واڌو زبردست زيان هڪدم بند ٿيڻ گهرجي. مسئلي کي جمهوري نموني حل ڪيو وڃي. قومي مصلحت لاءِ ڪجهه ڪرڻو هجي ته ڪجي. اڳين سنڌ دشمن فسادن پوري ملڪ جي سربراهه لالوڪيت جي غنڊن کان هٿ ٻڌي معافي ورتي هئي. هن دفعي وزيراعليٰ وري به فسادين ۽ بدمعاشن کي هٿ ٻڌا. اسان جي خيال ۾ بلوچستان جي عوام جو ڏک لاهڻ لاءِ جيڪا هن

Gul Hayat Institute

خبردار ڪري ڪيس مڪمل تياريءَ جو موقعو ڪونہ ڏيندا آهن. ڳائڻ وارا اهي سٽون ٽڙ ۾ ڳائيندا آهن:

آيل آن نہ وسهان هنجون جي هارين،
آليو آب اکين ۾ ڏيہہ کي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين سي نہ ڪي روڻ نہ ڇوڻ ڪي.

پر دشمن کي تہ پنهنجي ڦرات ۽ ڌاڙن تي پردو وجهڻ لاءِ پل کپندا هئا. هنن هڪدم رڙ ڪري ڪٿي سچي سنڌي قوم کي نڙيءَ ۾ هٿ وڌو آهي، جي "خبردار! اب کهاں بچ کر جاسکتے هو!" "سنڌو-ديش" جي اکر کي گهڻي ۾ ٻوڙهي وانگر وجهي ڪٿي ڦيرايو اٿن. هنن اڪثر سنڌين جو ٻوٽ بند ڪرائڻ لاءِ وهڻ ٺٺي ولوڙيا. ڪڏهن ڏاهر ۽ محمد بن قاسم کي قبر مان پٽي اٿاريائون، تہ ڪڏهن پارٽي سازشون پٽي ايجاد ڪيائون. انڌو گهري الله ڪان هڪڙي اک، هنن کي پٽي ملي ويون. هاڻ وٽين سي ڌاڙا هڻن، وٽين سو ملڪ پينگڪا ڪن، وٽين سي قلام ڪرائين. مجال جو اسين ڪجهي سگهون! جيڪو ڪجهي سو "سنڌو ديشي" ڏي اخبار ۾، هڻ ڪاٽ پرا سياسي ميٽنگون، جلسا جلوس تہ پري رهيا رڳو 'لطيف جو ڏينهن' بہ نٿا ملهائي سگهون. جلسو ٿيو ناهي تہ پناهگير نقلي ترقي پسندن سان پاڙهيل پر چار سورما اچي لڪاءُ ڪندا. "تنهنجو ديش منهنجو ديش، سنڌو ديش". سرڪار نامدار کي بهانو مليو، هيراه پيا

Gul Hayat Institute

# ناڳن وري ٻرن مان منهن ٻاهر ڪڍيو آهي!

نقلي ترقي پسند سنڌ دشمن ناڳن وري ٻرن مان منهن ٻاهر ڪڍيو آهي! وري ڪئين سنڌ دشمن ڪپر، ٻه-منهيون، ڪوراڙيون، ٻيڻيون ۽ هڻ-ڪٽيون ۽ سنڌن زهريلا ”سنڌي“ ٻچا ٻڻ ۾ سرندا نظر اچڻ پيا! وري به چپون سرڪائي ”سنڌ“ - ”انقلاب“ - ”جمهوريت“ - ”صوبائي خودمختياري“ - ”عوامي اتحاد“ ۽ ”ڀائي ڀائي“ جا مٺا ٻول ٻولي، سنڌي عوام کي نوان قهري ڏنگ هڻڻ جون تياريون تي رهيون آهن! وري به رهزن رهبر بڻيا آهن! وري به قاتل منصف ٿيا آهن! وري به هٿ سان زهر پيارينداڙ، ويڄ ۽ حڪيم ٿي اچي ويٺا آهن! وري به سنڌ جي بدنصيب تاريخ جي دوکي، دولاب ۽ دغا جا ورق دهرائجڻ لڳا آهن!

Gul Hayat Institute

اهي جن پنهنجي قوم ڀائي ڪوڙن ڪامورن ۽ ناجائز قبضيدارن جي هنيل ڌاڙن جي مال بچائڻ ۽ سنڌي هاري ڀاڳين جي مخالفت ڪي ڪچيءَ ۾ ٿي اسرڻ کان روڪڻ لاءِ، هاري ڪميٽي جي آڙ ۾، سنڌ جي هاري عوام جي جدوجهد تي ناجائز قبضو ڪري، ڪين برغلائي، پيلائي، روهه ۾ رلائي، ٻاڻ ۾ ويڙهائي، ڪڏهن به صحيح معنيٰ ۾ گڏ ڏيڻ ۽ پنهنجي حقن لاءِ

# سر تي پکي هيکڙوا

تحريڪ کي "همراه" نيٺ ڦري آيا آهن! هڪڙي پاسي نقلي اسلام پسند پرمارن جي سي آءِ ڊي جي رپورٽن جو ڊوڙيو لڳو پيو آهي ته "تحريڪ" ۽ تحريڪ وارن کي بند ڪريو نه ته پاڪستان ٽڪرا ٿي ويندو." ته ٻئي پاسي نقلي سوشلسٽ وڏيرن جي دٻ دٻان لڳي پيئي آهي "نه ڇڏيون، نه ته پاڻ واري اسلامي سوشلسٽ وڏيرپ جو خير ڪونهي." ٽئين پاسي نقلي قوم پرست وڏيرن جي ٻڙ ٻڙ پيئي ته "هنن کي ڪيڏو نه ڪو وڏيرڪي "قوم" تباهه ٿي ويندي." چوٿين پاسي نقلي ترقي پسند پرڄي پورش ڊوتيون هر ڪنهن اڳيان اکين تي ڳوڙهو رکيو پيئيون آهن ته "يه بديرون کي ايجنٽ همارے انقلاب کو تباه کر رهے هين!"

آخر ڇو؟ اهي سڀ ٽولا ظاهر ۾ پاڻ ۾ آهي ويري ٿا ڏسجن پر اندر ۾ سڀ هڪ آهن. سڀ ڏيهي عوام - دشمن اصل ۾ هڪ آهن. سڀني جو مقصد هڪ آهي، عوام کي انڌو، ٻوڙو، گونگو ۽ ٻوٽ ٻڌل بنائي ڪين ڦري موجون ماڻڻ. ڪين سڃاتيو هڪڙو ڀپ آهي ته، متان عوام سجاڳ، متحد ۽ منظم ٿي ڪين ٽڪرا نه ڀڃائي ڇڏي. نقلي سوشلسٽ هجن، نقلي

Gul Hayat Institute

